ڈاڪٽر غفور ميمڻ
ڈاڪٽر ساجده پروين

لپ اسٽڪ فيمينزم ۽ سنڌي ادب ۾ ان جا اهڃاڻ

Abstract:

Lipstick feminism proposes that women can be empowered psychologically, politically, socially by the wearing cosmetic, make up sensually appealing clothes and the embrace of sexual allure for her own self image as a bold sexual being. In this research paper we have discussed all the aspects of lipstick feminism and impacts on socio life.

Basically this research shows that, lipstick feminism is opposite to second wave feminism. Second wave feminism did not accept the structural difference of woman but lipstick feminism emphasized that woman can be empowered by her sex. Hence, gender of women is empowering in corporate world by lipstick feminism.

By purchasing higher-end beauty products, feminists may be reclaiming control over their own image, defying the notion that embracing feminism necessitates rejecting traditional femininity. "Some women feel like they have to wear makeup every day.

In this research, we have discussed Global corporate dystopian culture in which lipstick feminism is tool of market commodity.

Usually women like this style of living because it gives the importance to her by bold sex but still the question is same which is debatable. What is actual freedom of woman?

Sindhi literature has early indications of aesthetical empowering by magnificence of women in folk and modern literature.

پس منظر:

فيمينزم جا ڪيترائي روپ ۽ رنگ آهن. تاريخ جي هر دور ۾ فيمينزم پنهنجي آئيڊيالوجي ۽ شڪل بدلائيندو رهيو آهي. بنيادي طور هر آئيڊيالوجي پنهنجي معاشي ۽ سماجي نظام مطابق پيدا ٿيندي آهي. جڏهن جاگيرداري جي جڳهه

سرمائيداري نظام والاري ته سماجي طور مرد ۽ عورت جي زندگيءَ ۾ وڏيون تبديليون آيون. سرمائيدار کي پڙهيل لکيل ڪلارڪ، مئنيجر، سرمائيدار ۽ انجنيئر جي ضرورت پئي. ڪيس مارڪيٽ ۾ پيداوار ڪپائڻ لاءِ انهن فردن جي ضرورت پئي. جيڪي شين واپرائڻ جا شوقين هجن. يا گهٽ ۾ گهٽ سندن شين ڪپائڻ جي پروپيگنڊا جي سحر ۾ ڦاسن. ظاهر آهي. معاشي طور پڙهيل لکيل سماج جي ننڍ سان گڏ شهر به وجود ۾ آيا. جتي مرد سان گڏ عورت کي به پڙهائڻ جا موقعا مليا. اتي ان آئيڊيالوجي جي ضرورت پيدا ٿي ته پراڻيون روايتون ختم ڪجن، قدرن ۾ تبدلي آڻجي. ته جيئن عورت به سماجي طور هڪ آزاد فرد جو ڪردار ادا ڪري سگهي.

انهيءَ سلسلي ۾ پهريون ڪتاب 'ميري وال استون ڪرافٽ' ۱۷۹۱ع ۾ 'A vindication of rights of women' نالي لکيو. هن ڪتاب جو تت اهو هو ته عورت کي سونن زيورن جي بجاءِ تعليم جي زيورن سان سينگارجي. جو ته پڙهيل لکيل عورت سماجي طور مضبوط ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي. ساڳئي وقت مڙس سان ڪار وهنوار ۾ لاڳاپيل رهي ٿي. ڪيس خط پٽ لکي سگهي ٿي، گهر جو حساب ڪتاب ڪري سگهي ٿي. تنهن ڪري عورت جي آزادي جو بنيادي در تعليم آهي. اها فيمينزم جي پهرين لهر هئي. هن لهر جا اثر ترقي پسند هئا. گهٽ ۾ گهٽ يورپ جي عورت لاءَ سماجي مضبوطي ۽ آزادي جي پهرين واٽ اها ئي هئي هڪ صديءَ کان پوءِ جان اسٽورٽ مل 'The subjugation of woman' عورت جي محڪوميت نالي ڪتاب لکيو. جان انهيءَ ڳالهه جو قائل هو ته عورت جي مرد سان ذهني هم آهنگي ڪيس اصلي خوشي مهيا ڪري سگهي ٿي ۽ ذهني هم آهنگي تڏهن ٿي سگهي ٿي جڏهن عورت مرد سان برابر ذهني توڙي معاشي طور آزاد هوندي. انهيءَ فيمينزم کي لبرل فيمينزم به چيو ويو. جنهن جا اثر دنيا ۾ پيدا ٿيا. سنڌ ۾ به انهيءَ جي اثر تحت چوڪرين کي پرائمري تعليم ڏيڻ، مذهبي تعليم ڏيڻ، هنر مند بنائڻ جو رواج پيو. سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ جو ناول 'زينت' بادام ناتوان جو 'خوش خصلت خاتون' به انهيءَ سلسلي جي ڪڙي هئا.

ان وقت تائين ته فيمينزم ترقي پسنديءَ جو ڪردار ادا ڪري رهيو هو. عورت کي تعليم ملڻ گهرجي، هنر مند ٿيڻ گهرجي. سماجي طور خاندان ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڪيس ووٽ جو حق ملڻ گهرجي.

ڳاڙهي رنگ جي نفسيات:

"سرخي هٽڻ اونداهي دور ۾ طوائفيت جي علامت سمجهيو ويندو هو يا وري مذهبي عقيدي طور ۽ نسلي روايتن ۾ سرخي هٽڻ کي سنو نه سمجهيو ويندو هو."(۱)

انهيءَ ڪري سرخي هٽي بغاوت ڪئي ويئي جنهن جو مطلب هو ته مرد جي ناهيل قدرن کان بغاوت جو اعلان آهي. ٻئي طرف ڳاڙهي رنگ جي نفسيات ۾ وڏي اهميت آهي، ڳاڙهو رنگ رت جو رنگ آهي جتي رت رڳن ۾ وهي ٿو اتي زندگي آهي، جت رت انسان جو وهي ٿو اتي قرباني ۽ بغاوت جي علامت آهي، تنهن ڪري انقلاب جي علامت به ڳاڙهو رنگ آهي. ڳاڙهو، رنگ جنس جي به علامت آهي. جيئن ڳاڙهي سيج، ڳاڙهو وڳو، ڳاڙهي موڙ، ڳاڙهي مينديِ وغيره جو ٿيندو آهي، ڳاڙهو رنگ گلاب جو ٿيندو آهي، معنيٰ ڳاڙهو رنگ ٻين کي متوجه ڪرڻ، پاڻ سجاڻڻ جي علامت آهي ڳاڙهي رنگ جا ڪيترا ئي قسم آهن. گيڙو، ڪڪو، پنيو، ڪڪوريل، ريٽو، لال وغيره، شاهه لطيف ڳاڙهي رنگ کي پسند ڪندو هو، رچي راس ٽيل جينئس ماڻهو جي علامت ڳاڙهي رنگ جي آهي، محبوب به ڳاڙهو آهي لطيف پاڻ کي به لال چوي ٿو:

لڙڪ لعل لطيف چئي، ور لئي وهايان.

محبوب کي به لال چوي ٿو:

آ لالڻ موٽي، گهوريا رسڻ ڏينهڙا . .

لال رنگ جيئنس ۽ وحدت سان ملي هڪ ٿيڻ جي علامت جو نالو آهي.

سا ڏيکاريائون جوءِ، جتان لاهوتي لال ٿيو.(۲)

مطلب ته ڳاڙهي رنگ جي هڪ اهڙي خاصيت آهي جيڪا ترقي پسنديِ ۽ بغاوت جي حدن ۾ اچي ٿي. انهيءَ ڪري زندگي جي علامت به ڳاڙهو رنگ آهي ڇو ته زندگي جو بنياد جنس (sex) تي رکيل آهي. فرائيڊ چيو هو ته :

"Sex is a prime motivator and common denominator for all of us. Even the most prudent, puritanical-appearing individuals may struggle greatly against their sexual appetites and expression."(3)

ڳاڙهي رنگ جي سرخي چين تي هٽڻ جو مطلب جنس کي ايارڻ آهي ڊاڪٽر سليم اختر جو چوڻ آهي ته "عورت پنهنجي جنس جو اظهار لفظن ۾ نٽي ڪري ته لپ استڪ لڳائي ڇڏي ٿي. هوءَ اهو ڪونه چوندي ته مون ڏانهن ڏسو بلڪ سرخي لڳائي

ڇڏيندي ته توهان پاڻ ان ڏانهن ڏسندا."(۴)

فيمينزم جي پي لهر:

سيمون ڊي بوارا ۱۹۴۷ع ۾ جڏهن 'پي جنس' ڪتاب لکيو ته ان عورت جي سندس جنسي سڃاڻپ جي بنياد تي سماجي حيثيت کان انڪار ڪيو. هن جو چوڻ هو ته "عورت پيدا نه ٿيندي آهي پر سماج کيس ناهيندو آهي."(۵)

مطلب ته سيمون ڊي بوارا عورت جي بدني ساخت کان انڪار ڪيو ان جو مطلب اهو ٿيو ته پي فيمينزم جي لهر اعلان ڪيو ته عورت جي آزادي ان ۾ آهي ته عورت خود مرد بڻجي وڃي. ڪهڙي به طرح عورت جون صفتون ظاهر نه ڪري، مثال وار وڏا نه رکرائي، هار سينگار نه ڪري، شرم حياءُ نه ڪري، ڪپڙا مردن وانگر پائي.

نتيجو اهو نڪتو ته سڄي دنيا ۾ فيمينزم جي علامت اها سمجهي ويئي ته عورت پنهنجي عورتپڻي تان هٿ کڻي خود مرد بنجي وڃي. پوءِ فيمينسٽ عورتن وار ڪٽرائي مردن جهڙا رکيا، ڳالهائڻ ۾ لوفر چوڪرن وانگر لهجو اختيار ڪيو، شراب ۽ سگريٽ پيئڻ شروع ڪيو، جوا کيڏڻ ڪلبن ۾ ڊانس ڪرڻ، شادي کان سواءِ مرد سان جنسي تعلق رکڻ کي پنهنجي آزادي سمجهيو.

۱۹۶۰ع واري ڏهاڪي کان پوءِ فلمن نهڻ جي رجحان ۾ تيزي آئي. فلمن سماجي طور مقبوليت ماڻي. ان وقت اسٽيج، ٿيٽر، فلم يا ڊرامن ۾ عورتون اچڻ پسند ڪونه ڪنديون هيون گهٽو ڪري بازار حسن جون عورتون اداڪاري ڪنديون هيون. ساڳئي وقت مصوري، ادب، شاعري به عورتون ڪونه ڪنديون هيون جو انهيءَ لطيف فن کي واندن ماڻهن جي وندر يا وري بي شرمائي جو ڪم سمجهيو ويندو هو. برصغير ۾ ته گهٽيون عورتون پنهنجي اصلي نالي سان لکڻ بجاءِ ڪو فرضي نالو استعمال ڪنديون هيون. مرد به پنهنجو اصلي نالو لڪائي تخلص استعمال ڪندا هئا. خاص طور سان شو بزنيس ۾ ته اداڪار ۽ اداڪارائون پنهنجو نالو مٽائي ڇڏيندا هئا.

آهستي آهستي جيئن فلمن، ڊرامن جي پذيرائي ٿي سماج ۾ انهن کي هيرو يا هيروئن جو درجو ملڻ لڳو. فلم ۾ ڪم ڪرڻ وارن جا مداح نهڻ لڳا، اداڪارن وٽ پئسو اچڻ لڳو، سندن حيثيت بدلجڻ لڳي، وٽن بنگلا، ڪارون، نوڪر چاڪر، جيڏانهن وڃن ته کين عزت ملي. ٻئي طرف سماج ۾ تيزيءَ سان تبديلي اچڻ لڳي وڏا

شهر ٺهڻ لڳا، عورت ۽ مرد ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي آفيسن ۾ ڪم ڪرڻ لڳا. اتي فيمينسٽ عورتن پنڪ فيمينزم (PUNK FEMISNISM) جو نعرو هنيو جنهن جو مطلب هو ته عورت کي 'فن' طاقت ور بنائي سگهي ٿو. جيڪڏهن عورت فلم، ڊرامي، ادب، موسيقي ۾ ايندي ته طاقتور ٿيندي. ان کان پوءِ شريف معزز خاندانن جون چوڪريون فلمن، ڊرامن، ادب ۾ اچڻ لڳيون پنهنجو نالومٽائڻ کان سواءِ فخر سان هن ميدان ۾ ڪم ڪرڻ لڳيون. پر ساڳئي وقت اهو احساس به ٿيڻ لڳو ته هتي عورت پنهنجي نسوانيت کي بدلائي نه، پر نسوانيت جو ئي فاعدو وٺي سگهي ٿي. مطلب ته عورت جي جيڪا ڪمزوري آهي اها ئي سندس طاقت آهي.

ٽئين لهر ۽ لپ اسٽڪ فيمينزم:

مشهور روايت آهي ته ٧٠ ق م ۾ پراٽي مصر جي راڻي قلوپطره گلن، ماکوڙين ۽ ٽنڊڻن کي نپوڙي انهن مان ڳاڙهو رنگ ٺاهيندي هئي. جيڪو سينگار لاءِ ڪم آڻيندي هئي.

"The queen of Ancient Egypt was known to create shades of red herself by crushing ants and beetles to extract a rich carmine pigment. She also used flowers and interestingly, fish scales, to give them a luminous finish."(6)

اهو سينگار ايترو عام ٿي نه سگهيو هو. اونداهي دور ۾ سينگار کي عيسائين شيطاني عمل قرار ڏنو. جنهن ڪري عورتن جي سينگار کي خراب سمجهيو ويندو هو. ١٨٤٧ع تائين عورتن جي يورپ ۾ ووٽ ڏيڻ جو رواج نه هو. ان وقت احتجاج ڪندڙ ڪجهه عورتن گهري ڳاڙهي رنگ جي سرخي لڳائي مظاهرو ڪيو هو.

١٩١٢ع ۾ عورتون پنهنجي ووٽ جو حق مجرائڻ لاءِ نيو يارڪ ۾ مظاهرا ڪري رهيون هيون. ان وقت ايلزبيت آردين انهن عورتن ۾ سرخيون (Lipstick) ورهايون هيون جن جو تعداد ١٥ هزار کان مٿي هو.

"1912 Makeup entrepreneur Elizabeth Arden distributed tubes of her red door red lipstick to 15000 suffragettes as they marched in New York."(7)

لپ اسٽڪ فيمينزم جو بنيادي پيغام بغاوت جو هو. ڇو ته عورت جي سينگار کي سنو نه سمجهيو ويندو هو. لپ اسٽڪ کي طوائفيت جي علامت سمجهيو ويندو هو. ان ڪري فيمينسٽ عورتن پهريون پيرو ان طوائفيت جي ليبل کي بغاوت ۾ تبديل ڪيو.

فيمينزم جو بنيادي نڪتو عورت جي مڪمل آزادي آهي جيڪا جنس، بدني ساخت يا مرداڻي سماج ۾ مروج سماجي قدرن جي محتاج ناهي. ١٩٩٠ع کان پوءِ ڪمرشل ڪمپنين، گلوبل سامراج پنهنجي شين کي ماڻهن جي ضرورت بنائڻ لاءِ جنس کي هٿيار طور ڪتب آندو.

فيمنسٽ عورت هي لهر ۾ عورتپڻي جي خلاف هئي پر ٽئين لهر جي فيمينسٽ عورت واپاري دنيا جي جنسي مارڪيٽ کي هٿيار بنائي ورتو. لپ اسٽڪ فيمنسٽ عورت اهو قبول ڪري ورتو ته عورت جي ڪمزوري جي عمارت سندس شرم و حياءَ جي بنياد تي رکيل آهي. مرد جي عزت کي به عورت جي غلامي سان ڳنڍيو ويو آهي تنهن ڪري هن عورت جي شرم و حياءُ واري بنياد کي ٽوڙي مروڙي ختم ڪري ڇڏجي. مٽان وري سوشل ميڊيا اهو ماحول فراهم ڪيو ته عورت گهر ويڙي پنهنجي جسم جي زور تي دنيا تي حڪمراني ڪري سگهي ٿي. نتيجي طور پنڪ فيمينزم ۽ لپ اسٽڪ فيمينزم ٻئي گڏجي ويا. اهو ٻڌايو ويو ته عورت جو جسم هڪ آرٽ آهي جنهن جا نقش نگار ڏيکاري هوءَ طاقت ور ٿي سگهي ٿي.

عورت جيتري خوبصورت ۽ جنسي سگهه واري آهي اوتري طاقت ور آهي. واپاري دنيا جو اهو رجحان ڏسندي هر طرف عورت کي مارڪيٽ ۾ جڳهه ملڻ لڳي. رسيپشنسٽ عورت، ٽيچر عورت، پرسنل سيڪريٽري عورت، ڪمپنين ۾، بئنڪن ۾، ريئل اسٽيٽ ۾، ٽي وي ڪمپيئرنگ کان وٺي مارننگ شو ۾ عورتون پنهنجي حسن ۽ جنسي ادائن جا جلوا ڏيکارڻ لڳيون. ايتري قدر جو راند جي ميدان تي عورت جو جنسي طور ڪليو اظهار به سندس طاقت ۾ اضافو ڪرڻ لڳو. مذهبي پيشوا به عورتون ٽيڻ لڳيون . ڏسندي ڏسندي سوشل ميڊيا تي عورتون پنهنجي جسم جي نجي حصن جي نمائش ڪرڻ لڳيون. آخرڪار هڪ ڏينهن نعرو لڳو ته، 'ميرا جسم ميري مرضي' هاڻي بادشاهن جون شهزادين به پنهنجي جسم جي نمائش ڪن ٿيون، جنهن جو مثال 'شيخا مهرا' آهي.

منهنجو خيال آهي ته : لپ اسٽڪ فيمينزم جا چار بنيادي اصول آهن، هڪ ته مرد ۽ عورت جي برابري واري تصور کي وڌائڻ، ٻيو عورت کي پنهنجي مرضي هلائڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ جنهن کي انسان جو بنيادي حق سمجهيو وڃي ٿو. ٽيون جنسي هراسمينٽ کان مڪمل ڇوٽڪارو، چوٿون جنسي آزادي جا موقعا فراهم ڪرڻ.

لپ اسٽڪ فيمينزم ۽ پلاسٽڪ سرجري:

هر ماڻهوءَ کي خوبصورت بنجڻ جو بنيادي حق آهي. جيڪڏهن قدرتي طور ماڻهو ۾ جنسي ڇڪ ناهي يا سندس نقش نگار سهڻا ناهن يا سندس رنگ گورو ناهي ته سائنس انهيءَ کي اها سهولت مهيا ڪري ٿي ته ماڻهو پلاسٽڪ سرجري ڪرائي پنهنجي جسماني نقش نگار ۾ نکار آڻي سگهي ٿو. ڪمرشل دنيا انهيءَ کي لپ اسٽڪ فيمينزم جو وڏو سهارو بنائي ڇڏيو. اهي عورتون جيڪي صاحب حيثيت آهن اهي پنهنجا نقش نگار تبديل ڪرائي وڌيڪ جنسي ڇڪ پيدا ڪن ٿيون. وڌندڙ عمر جا نشان پلاسٽڪ سرجري مٽائي سگهي ٿي. يا وري پنهنجي منهن جا نقش هڪ مخصوص ڊزائن تحت تيار ڪرائي سگهجن ٿا. جن ۾ وڌيڪ جنسي ڇڪ هجي، پنهنجي بدن کي مخصوص ڊزائن تحت تبديل ڪرائي وڏ ڪان وڌ جنسي بنائي سگهجي ٿو. ڪمرشل دنيا ان سان گڏ ڪيترائي ميڪ اپ، سينگار جا سامان مارڪيٽ ۾ آندا آهن، جن کان پوءِ جڳهه جڳهه تي بيوٽي پارلر کلي چڪا آهن. جن ۾ عورتون ۽ مرد لکين روپيا خرچ ڪن ٿا.

خاص طور سان هر جاءِ تي فيشن ڊزائننگ جي انڊسٽري، بيوٽي ڪلينڪس، فلم انڊسٽري، اسڪرين تي اچڻ واريون عورتون ان مان خوب فاعدو وٺن ٿيون. اڇڪلهه عام وچولي طبقي جون عورتون به انهيءَ مان فائدو وٺن ٿيون. سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا عورت جو جنسي ڇڪ رکڻ واقعي ئي طاقتور هڻڻ جي علامت آهي؟. بلڪل لپ اسٽڪ فيمينزم جو بيانيه (Narration) اهو ئي آهي ته عورت پاڻ کي جنسي طور طاقتور ناهي، هر واپاري ميدان ۾ پنهنجي جڳهه ناهي سگهي ٿي. توهان ڏٺو هوندو ته ميڊيا جي ذريعي اها ترغيب ڏني ويندي آهي ته چنچل، ڪيچلي، سيڪسي ادائن سان موهڻ واري انداز ۾ ڪم ڪريو جو اهو ئي توهان جو ٽيلينٽ آهي. مثال : 'ابهي آپ ني ميرا استائيل ديکها ئي کهان هي' هي هڪ شيمپو جي مشهوري آهي جنهن ۾ آفيس جو ماڻهو چوڪريءَ جي وارن تي تنقيد ڪري ٿو ته هوءَ بي باکيءَ سان وارن کي جهٽڪو ڏيئي اهو جملو چوي ٿي.'ابهي آپ ني ميرا استائيل ديکها هي کهان هي' وري ٻئي طرف 'بس ٿوڙا سا لکس' هن جملي جون سوين معنائون نڪرن ٿيون جن جو تعلق جنسي بيانيه سان ئي آهي. اها ترغيب عورت کي سندس عورتاپڻي جي وصف مان ڪڍي خود هڪ ٻي وصف ۾ آڻي بيهاري ٿي. جتي ٻي لهر ۾ عورت هڻڻ کان

انڪار هو، اتي ٽئين لهر عورت کي جنسي گڏي ناهڻ چاهي ٿي.

لپ اسٽڪ فيمينزم جا سماجي ۽ سياسي پهلو:

"lipstick's gendered history, highlight how lipstick reflects contested feminist politics of choice regarded as playful and deliberately chosen as well as fostering appearance-based expectations based on idealized feminine beauty."(8)

جيتوڻيڪ سماجي طور عورت جي هار سينگار کي گهر تائين ته تسليم ڪيو ويو آهي. پر ها ر سينگار، بحيثيت هڪ هٿيار جي سماجي قدرن جي بجاءِ گلوبل ڪمرشلزم رائج ڪري چڪو آهي. بلڪ ائين چئجي ته جنس کي مارڪيٽ جو هٿيار بنائڻ ۾ ڪارپوريٽ ڪلچر جو حصو آهي، چو ته دنيا فطرتي منظرن ۽ ڪلچر مان نڪري شهري هٿرادو ناهيل دنيا جو ڏيڪ ڏئي ٿي. ان ڪري هاڻي رنگ به هٿرادو آهن، ڪپڙن جا رنگ ۽ ڊزائنون، ڊگهي ڪڙيءَ وارو سينڊل (Stiletto)، ميڪ اپ جا رنگ، مطلب ته عورت جا سوين رنگ روپ آهن جن سان مارڪيٽ کي رنگين بنائي، نئين جماليات پيدا ڪئي ويئي آهي. ان جماليات جو تعلق روح سان نه پر جسم سان ۽ شخصي حيثيت سان آهي. تنهن ڪري امير عورتون انهيءَ نيو لبرل ازم مان فاعدو وٺندي تيزي سان سياست ۾ آيون، خاص طور سان برصغير جي سياست ۾ عورتن جو وڏو انگ شامل ٿي ويو.

صرف پاڪستان جي گذريل قومي اسيمبلي ۾ ۳۴۲ ميمبرن مان ۶۹ عورتون شامل هيون. سنڌ اسيمبلي ۾ ۶۱ مان ۱۴ عورتون، پنجاب ۾ ۱۴۲ مان ۲۳ عورتون شامل هيون، جيڪو تعداد اڳ ڪڏهن اسيمبلين ۾ نظر نه آيو آهي. انهيءَ صورتحال ۾ دنيا اهو نعرو به لڳايو ته هاڻي حڪمران عورت کي ٽيڻ گهرجي چاڪاڻ جو مرد تاريخ ۾ خون خرابو ڪري ٿو. مرد ڪرپشن ڪري ٿو، جذبن احساسن کي نٿو سمجهي. تنهن ڪري عورت جي حڪمران ٽيڻ سان دنيا ۾ امن قائم ٽيندو.

انهيءَ دوران Girlie culture پيدا ٿيو جنهن جو مطلب هو ته عورت تعليم جي ميدان ۾ پاڻ کي طاقتور بڻائي. سنيون ڪارپوريٽ نوڪريون، رياستي ادارن ۾ نوڪريون، سائنسي طور ايجادن ۾ عورتن جو حصو هڻڻ گهرجي. توهان ڏٺو ته گلوبل دنيا ۾ تيزي سان عورتون هائير ايجوڪيشن ۾ اڳتي اچڻ لڳيون، ڪين ڏيساور جون اسڪالرشپ ملڻ لڳيون، اسان وٽ سنڌ ۾ گذريل ۲۰ سالن کان اهو رجحان تيزي سان

وڌيو آهي. ڪيتريون عورتون سول سروس ۾ آيون آهن، هاڻي ڳوٺن ۾ عورتون ڊپٽي ڪمشنر، اسسٽنٽ ڪمشنر، ڪسٽم، آرمي، پوليس، يا وري پروفيسرشپ ۾ آيون آهن. ڏيساور اسڪالر شپ تي پڙهڻ وارين جو تعداد ته تمام گهڻو آهي. باوجود انهيءَ جي ته مذهبي جنون وڌيو آهي، قبيلائي جهيڙا وڌيڪ عورت کي ڪمزور ڪن پيا پر پوءِ به قدر خود به خود بدلجي رهيا آهن. عورت جيڪا برقعي کان بغير ٻاهر نه نڪرندي هئي اها ڏيساور اڪيلي هاسٽلن ۾ رهي ٿي. مائٽ انهن تي فخر ڪن ٿا. انهيءَ جو مطلب ته ٻهراڙين جا فيوڊل قدر تيزي سان بدلجي چڪا آهن.

ڪارپوريٽ ڪلچر ۾ امير عورت کي آزادي ۽ خوبصورتي ته ملي ويئي پر غريب عورت کي ڪاسميٽڪ جا فاعدا نه ملي سگهيا اها سادي ميڪ اپ مان گذارو ڪري ٿي يا وري کو به ميڪ اپ استعمال نٿي ڪري. ڪڏي وارو سينڊل (stiletto) ته غريب عورت کي استعمال ڪرڻ ئي نٿو اچي. نه اها اهڙو سينڊل پائي هلي سگهي ٿي نه وري ناچ ڪري سگهي ٿي. ڪيتن ۾ ڪم ڪرڻ واري عورت کي ته ايا ڪارپوريٽ ڪلچر جي خبر ئي ناهي نه وري هن وٽ جديد بيوٽي پارلر جو تصور آهي. جون ايليا جو شعر آهي ته :

جو رعنائي نگاهون کي لئي، فردوس جلوه هي،
لباس مفلسي مين، ڪتني بي قيمت نظر آتي هي،
يهان تو جاذبيت بهي هي، دولت هي کي پروورده،
يه لڙکي فاقه ڪش هوتي، تو بد صورت نظر آتي.(۹)

انهيءَ جو مطلب اهو ٿيو ته عورت کي طاقت ور صرف معاشي طور ناهي سگهجي ٿو. جيڪڏهن معاشي طور عورت سگهاري آهي ته، آزاد آهي، پنهنجا فيصلا پاڻ ڪري سگهي ٿي. بلڪ عورت جيترو معاشي طور سگهاري هوندي اوترو وڌيڪ آزاد هوندي.

سوال اهو پيدا ٿئي ٿو ته حقيقي طور اها آزادي تصور ڪجي يا نه؟

ڪنهن به سماج ۾ عورت جو احترام، سندس آزاديءَ جو احترام، قانوني طور ته موجود آهي پر عملي طور جهڙي طرح ڪنهن بي پهچ غريب مرد کي ڪٽي رسائي نٿي ملي بلڪل اهڙي طرح غريب عورت کي به آزادي ڪونه ٿي ملي. باقي مٿئين طبقي جي عورت وٽ ته هاڻي اهو تصور ختم ٿي رهيو آهي ته عورت مظلوم

ٿي سگهي ٿي. هن لپ اسٽڪ فيمينزم ذريعي ڪارپوريٽ ڪلچر ۾ پنهنجي اهم جڳهه ٺاهي ورتي آهي.

باقي مڊل ڪلاس جي عورت جا والدين خود انهيءَ ڪوشش ۾ رڌل هوندا آهن ته پنهنجين ڇوڪرين کي اعليٰ تعليم ڏياري سگهارو بٽائن. جڏهن عورت معاشي طور استيٽس ٺاهي وٺي ٿي ته پوءِ قدر به سندس هٿ ۾ اچي وڃن ٿا. پوءِ ڪيس سماج جي مروج قدرن جو ڪو به ڊپ ڊاءَ نه هوندو آهي.

سنڌي ادب ۾ لپ اسٽڪ فيمينزم جا اهجاڻ:

سنڌ جي لوڪ ادب ۾ هڪ شاعري جي صنف سينگار موجود آهي. جنهن ۾ عورت جي سينگار جا مختلف قسم ٻڌايا ويندا آهن، منجهس مجاز جا انمول انداز، عورت جي بدني ساخت کان وٺي سندس سينگار جو ذڪر ڪندي شاعر، عورت جي حسن سان ڪائنات کي جمالياتي بنائيندو آهي. جيتوڻيڪ ان وقت لپ اسٽڪ فيمينزم جو ڪو فڪر موجود ڪونه هو. پر عورت جي سونهن ۽ سينگار جو ذڪر ڪري، سندس حيثيت کي اتم بنايو ويو آهي.

مثال هن شعر کي ڏسو:

گل بدن جون گجريون، ڪهڙي روش رون!
ڏند اڇا، سينڌ سنئين، وار ڪٽوري ون،
ڏاڍن ڇوڙي ڇڏيا، منهن تي معشوقن،
ڪنڌو نڪ نراڙ ۾، ٻهه ٻهه نيٺ ٻرن،
منهن پوپٽ کون پڌرو، لاتي لاس لڳن،
ارهُ اُني چند جان، ٽوٽي ناه ٽٽن.(۱۰)

"سينگار رس شاعريءَ ۾ سنڌي شاعرن جي آڏو محبوبه عورت اها آهي، جا پنهنجي فطري حسن سان گڏوگڏ فيشن ۾ به پنهنجو مٽ پاڻ آهي .ظاهر آهي ته اها شهري تمدن جي پيداوار آهي. سماج جي رنگيني جي رازدار آهي. هوءَ بدن جي آڌ مڪ، عطر، سينڌ سرمي، مسي مساڳ، ويس وڻڪ، ۽ زيورن جي هار سينگار سان پنهنجي حسن کي چمڪائي ٿي. اکين جي الحاظ، ناز، سهڻي گفتار ۽ ڪبڪ رفتار سان ويتر دليون گهائي ٿي. مطلب هي محبوب حريف ۽ هوشيار آهي ۽ سرتا پا تڪلف

آهي."(۱۱)

ٿورو غور ڪنداسين تہ لپ اسٽڪ فيمينزم جو بنياد ئي بي تڪلف سينگار سان، عورت جو پاڻ کي سگھارو ڪرڻ آهي ۽ لوڪ ادب ۾ سنڌي سينگار بہ عورت کي سگھارو بڻائي ان جي اهميت کي وڌائي ٿو. فرق صرف اهو آهي تہ ان وقت عورت جا سينگار ماركيٽ لاءِ نہ هئا، بلڪ عورتپڻي جي اعليٰ رتبي لاءِ هئا. عورت اهي سينگار ڪري يا نہ، پر شاعر جي تصور ۾ عورت مجازي جمال جي عروج تي پهتل هئي.

سنڌ جي اهم شاعر جلال ڪٽي، ڏاتو ڪٽي کان سواءِ شاه عنات رضوي بہ سينگار جا بيت چيا آهن.

لار لهيندي ويڙا، چيهي پير رتاس،
ڪڙيون ڪنپ ورنيون، موتي منهن ڳتاس،
پسيو ميگھ ميون چوي، جوهر جال جڙياس،
جهومڪ بئنسرياس، وسي مينهن پسايا.(۱۲)

هن بيت ۾ زرعي سماج جي تصوير آهي، برسات جي ڦڙ ڦڙ شروع ٿي چڪي آهي هڪ ناريءَ جا ويڙي کي ڪلي ۾ ٻڌندي پير چيهي گاهه سان رت جهڙا ڳاڙها ٿي پون ٿا. سندس ڪڙيون ڳاڙهيون ٿي چڪيون آهن. برسات جون بوندون سندس منهن تي ائين لڳي رهيون آهن جڻ موتي هجن. برسات ڪيس ايئن پسائي رهي آهي جو جڻ زيورن سان سجائي رهي هجي، ڪيس پهريل جهومڪ، بئسريا بہ مينهن پسائي ڇڏيا آهن. هن منظر ۾ جمالياتي حس پنهنجي عروج تي پهتل آهي.

حقيقت اها آهي تہ شاعر جو تخيل بي مثال آهي پر سونهن جي سوپيا بہ حقيقت کان پري ناهي. ٻئي طرف شاهه لطيف بہ عورت جي سينگار ۾ حسن جي تعريف ڪئي آهي.

گنير گُت سکن، چلڻ جي چاهه پئي،
هنڌوا حيرت ۾ پيا، لالي ڪي لبن،
چمڪن چوڏس چنڊ جيئن، وڇڙيون وهسن،
لوچين ٿا لطيف چئي، پسڻ لئي پرين،
ڪيسر قربن، ساڻي سنياري ساڻ ڪنيا.(۱۳) (سارنگ ۱۳/۴)

هن بيت ۾ محبوب جي هلڻ جي انداز کي ڏسي هاڻي بہ چلڻ جي چاهه ۾ پئجي وڃن ٿا. محبوب جي لبن تي لالائي ڏسي مينهن وساڙا (جيڪي برسات کان پوءِ نڪرندا آهن انتهائي ڳاڙهي رنگ جا هوندا آهن) بہ حيران ٿي وڃن ٿا. محبوب کي ڏسي وڇڙيون بہ خوشيءَ وچان جوش ۾ اچن ٿيون.

سنڌ ۾ سرخي هٽڻ جو رواج پراڻو آهي. عورتون لاک ۽ نير جون سرخيون ڪاهي چپن تي هٽنديون هيون. جنهن کي شاعر وري هنڌون سان تشبيهه ڏيندا هئا.

يورپ ۾ اونداهي واري دور ۾ عورت جي تذليل ۽ کين ڏائڻ ڪري مارڻ تائين جو بدلو فيمينزم تحريڪ ورتو، پر سنڌ ۾ لوڪ روايتن ۾ مدري نظام جا آثار ملن ٿا. جنهن ڪري عورت کي ديوي جو درجو مليل هو،سندس پوڄا بہ ڪئي ويندي هئي. ساڳئي وقت زرعي سماج ۾ عورت ٻني هاري ۾ مال جي سورائي کان وڌي پاڻي پرڻ، ماني تيار ڪرڻ جي ذميداري ادا ڪندي هئي.

جڏهن تہ جديد دور جي عورت روايتن کان هٽي ڪري مغربي ۽ سرمائيداري جي اثر هيٺ هڪ نئين نظريي تحت سگھ حاصل ڪرڻ چاهي ٿي. اهڙا اهجاڻ جديد سنڌي ادب ۾ بہ اسان کي ملن ٿا. جيئن ماهتاب محبوب جا بہ مشهور ناول آهن هڪ 'خواب، خوشبو، چوڪري' ٻيو 'پيار پناهون، ڇانورا' هنن ناولن ۾ ڪمرشل دور ۾ عورت جي ڇڙواڳي، بيوٽي پارلر، مٿئين طبقي جي عورتن جا جنسي چسڪا، يا وري شهري قدرن ۾ جنسي ڇڙواڳيءَ جا هاڃا پريل آهن. هنن ناولن جي بنيادي فڪر ۾ فيمينزم تحريڪ سان گڏوگڏ لپ اسٽڪ فيمينزم جا منفي پاسا بہ موجود آهن.

"ٽين ايج چوڪريون اڪثر اهڙا مسئلا ڪٽي پارلر ۾ ايندڙ هيون، جڏهن تہ پوڙهيون پڪيون وري وار رنگائڻ سان گڏ گهنج سر لڪائڻ لاءِ وٽن پڳيون ٻڌيون هيون."(۱۴)

ڪارپوريٽ ڪلچر ۾ عورت جو سڀ کان وڏو مسئلو سندس عمر لڪائڻ، سمارٽ رهڻ، جنسي طور چڪيل رهڻ يا وري سنو پارٽنر ڳولهڻ آهي . ٻي طرف اهي عورتون جيڪي سڌيون نوڪرين ۾ آهن، ڊاڪٽر، مئنيجر، انجينئر، يا وري وڪيل آهن انهن جو بہ مسئلو پاڻ کي وڌ ۾ وڌ خوبصورت بنائڻ، چمڪائي ماركيٽ ۾ پاڻ وڪائڻ جي ترجيع ڏيڻ آهي. انهيءَ ڪري ڪجهه عورتون پنهنجي پيشي سان سچائي جي بدران گلئيمر جوسهارو وٽن ٿيون، يا وري پنهنجي عورت هئڻ جو فاعدو وٺن ٿيون.

گهٽ ۾ گهٽ لپ اسٽڪ فيمنزم اهڙين عورتن کي وڏو سهارو ڏنو آهي. بلڪ ائين چئجي ته لپ اسٽڪ فيمينزم ڪارپوريٽ ڪلچر جي پيداوار آهي. جنهن سان عورت پنهنجي جنسي سگهه کي وڌائي فاعدو وٺي ٿي. ماهتاب محبوب هن نفسيات کي خوب سمجهي قلم کنيو آهي.

"نئين شهر ۾ گهڙندي ئي ان اٽڪلي جوڙي، اتي جي برگر فيملين جي نفسيات سجاڻي ورتي هئي. ته شيءِ جو ملهه جيترو مهانگو ماڻهو اوترائي ان جي حاصلات لاءَ ماندا ٿيندا. ان ڪري ئي ڏريون ملائڻ واري ڏوتپي جي عيوض ٻنهي پاسن کان من گهري رقم ڇڏائڻ ۾ هاڻ کين ڪا ڏکيائي نه ٿيندي هئي. بيوٽي پارلر جي آڏَ ۾ ان دلالي ڪانٽيڪٽس جي ڪري اختر علي جي اهڙي لئ ٿي پئي، جو هو ٻن فيڪٽرين جو مالڪ بڻجي پيو هو."(۱۵)

انهيءَ ڪلچر کي عورت جي آزادي سان نه، پر مارڪيٽ جي وکر سان پيٽي سگهجي ٿو. جتي عورت دنيا جي وڏي معاشياتي جنس جو وکر بنجي وڃي ٿي.

هتي منظور ڪوهيار جي ڪتاب 'راج ڪرتهه' مان هڪ ڊرامي 'پريميڪا' مان مثال ڏيندس جيڪو پنڪ فيمينزم ۽ لپ اسٽڪ فيمنزم جا تاريخي بنياد سمجهائي ٿو.

هن ڊرامي ۾ عورت جي تاريخ جا پنج هزار سال ڏيکاريا ويا آهن جنهن ۾ عورت پنهنجي ڪلا ۽ سندر روپ سان نرت ڪري ڏيکاري ٿي. منو ڪردار سندس ساراهه جا ڏڪ پري ٿو.

"پريميڪا تون ته روپ جي راڻي آهين، سونهن جو ساگر آهين، ڪلا ته تنهنجي پيرن جي داسي آهي، تون ته ڏرتي تي ڪلا جو انت آهين. اڄ جيڪو گهرٽو هجئي سو گهر!."(۱۶)

ساڳيو مهاراجا جو ڪردار 'منو' پريميڪا جي تعريف ڪندي ڪيس پنهنجي هوس جو شڪار ۽ غلام بنائڻ چاهي ٿو. اڄ جو ڪارپوريٽ ڪلچر به ساڳي طرح عورت جي سندر روپ جي تعريف ڪندي ڪيس مارڪيٽ جو غلام بنائڻ چاهي ٿو.

هن مڪالمي کي ڏسو.

"منهنجي توکي اها وينتي آهي ته اتي!!نرت وجهه.... پنهنجي دل بهلاءِ ۽ انهن جي به جيڪي تنهنجي روپ ۽ ڪلا جا ديوانه آهن."(۱۷)

هي پنڪ فيمينزم جو مثال آهي ته ڪلا ذريعي عورت پنهنجي سگهه وڌائي سگهي ٿي.

هن ڊرامي ۾ وچ وارو دور عورت جي غلامي جو دور آهي. پر آخر ۾ اتهاس ڪار جو مڪالمو ڏسو:

"پرٿوي جي ناري ....! تون گهبراءِ نه ...! هي دور تنهنجو آهي.... تون پنهنجي سهلين ساٿين ۽ ڪلاڪارن کي دل سان سڏيندئين ته هو ضرور تنهنجي مدد لاءِ ايندا."(۱۸)

هن مڪالمي ۾ ۲۰ صديءَ جي اهم ڳالهه ٻڌائي پئي وڃي، ته هي دور عورت جو آئيڊيل دور آهي. رڳو همٿ ڪري، سندس 'ڪلا' ئي سندس طاقت آهي. سندس حسن ئي طاقت آهي. هن ڊرامي ۾ ناري جي سگهه سندس ڪلا ۾ ڏيکاريل آهي. جيڪا پنڪ فيمينزم جو اهم نڪتو آهي.

جديد ناولن ۾ هتي آئون 'رجيم' جو ذڪر ڪندس .جنهن ۾ رجيم ميڪ اپ اسٽور تي ڪم ڪندي عورتن جي سينگار، سندن ناز نخرن، چالاڪين ۽ جنسي سگهه جي ڳالهه ڪري ٿو.

" ليڊيز اسٽور تي ايندڙ عورتون شروع واري ڏينهن ۾ جيتريون پرڪشش محسوس ٿيندیون آهن. وقت گذرڻ ۽ واسطو پوڻ کان پوءِ اوتريون خطرناڪ محسوس ٿيڻ لڳنديون آهن."(۱۹)

عورتن جي واپاري سينگار جي دنيا به عجيب آهي. جنهن ۾ ڪيس يقين ڏياريو وڃي ٿو ته مارڪيٽ ۾ موجود سينگار جون شيون ۽ بيوٽي پارلر جي آڏ مڪ ڪيس جنسي طور سگهارو ڪري سگهن ٿيون. عورت دنيا ۾ فقط خوبصورتي ۽ جنسي ڇڪ ذريعي ئي ٻين سان مقابلو ڪري سگهي ٿي. اهو بيانيه عورت جو ٽيلينٽ به ضايع ڪري ٿو. هن ناول ۾ اسٽور تي ڪم ڪندي رجيم عرف عبدالرحيم عورتن جي باري ۾ ڪاسميٽڪ اسٽور جو جيڪو ماحول چٽي ٿو اهو جمالياتي نه پر جنسي طور پڙڪائيندڙ آهي.

شاعريءَ ۾ جديد ۽ پراڻي دور جي پيٽ ڪندي هڪ عورت جو فرياد به ان حوالي سان نرالو آهي، سوئيڊن جي شاعره اينا ماريا لنگرن پراڻي ۽ نئين دور کي پيٽيندي درد پري شاعري ڪئي آهي.

نوان ڪپڑا-- نوان رواج،
منهنجي ماسي هڪ ڏينهن چيو مونکي،
جڏهن آئون جوان هيس ڏيئڙي !
سال سترنهن سئو ٽيهه ڏاري،
سنهڙي ڄاريءَ جي گائون بجاءِ،
ٽلها اوني ڪپڑا پائي، پاڻ لڪائي،
هر ڪا عورت هت هلندي هئي،
سرخي پائوڈر روج لڳائڻ بنان ئي،
فضيلت سان اها سونهندي هئي،
هن وٽ جيڪو ذهن هوندو هو،
سو مضبوط سندس ڪپڑن جيان هو،
هاڻي ته سڀ ڪجهه بدلجي ويو آهي،
حياتي اها ساڳي ناهي ڏيئڙي!
نوان ماڻهو، نوان فيشن، نوان لاڙا،
سلڪ ٽفيٽا ۽ ٻيا ويس وڳا،
نيون ريتون، نيون رسمون، نيون قرب ڪهاڻيون،
ننڍڙيون نينگريون ۽ مڙس واريون،
هوس جي رستي تي ڇڙواڳ رهن ٿيون،
بي شرمي ۽ بي حيائي جو هي دور آهي،
ميڪ اپ، سنهڙي ململ، ۽ اگهاڙيون ڳالهيون،
چون ٿا ماڊرن وقت آهي،
هن سان هلڻو آهي هٿ ۾ هٿ ملائي.[٢٠]

جنهن کي اسان جي ايڪس جنريشن بي حيائي چئي ٿي، اها زيد ۽ الٽرا جنريشن لاءِ زندگي آهي، جيئڻ جو مزو آهي، ان حد تائين زيد ۽ الٽرا جنريشن پنهنجي دور جي بدلجندڙ قدرن جي نمائندگي ڪن ٿا، جنهن تي ادب کي، فلسفي کي، دانشور کي ڪو اعتراض ناهي. اعتراض ان وقت شروع ٿئي ٿو جنهن وقت زندگيءَ جو جوهرئي بي حيائيءَ کي بنايو وڃي. احترام عزت، جذبن ۽ احساسن کي دفنايو وڃي.

غير انساني طرح سان پنهنجي حسن جي آرائش کي مارڪيٽ ۾ وڪيو وڃي. نوجوان پيڑهي کي زندگي جو مقصد ئي اهو ڏيکاريو وڃي. جنهن ۾ زندگيءَ کي ريندم گذاريو وڃي، منشيات ۽ جنسي آلودگيءَ جي حوالي ڪيو وڃي.

ادب ۾ جماليات جي وڏي اهميت آهي، حسن، جواني، خود هڪ خمار آهن. جيئن شيخ اياز چيو هو:

مُنڊ بہ جهڙو مَنڊ، پيتي کان پرتي پلي
اندر ٽيندئيي اڏ، وڇڙي ويئي جي وائڙا![٢١]

عورت جو حسن ۽ خوبصورتي مرد لاءِ هميشه ڇڪ جو سبب رهي آهي، عورت لاءِ مرد جي توجه، محبت ، مٽائنس فدا ٽيڻ ئي عورت جي حسن جو معراج رهيو آهي. جيڪڏهن عورت خوبصورت آهي، حسين آهي، ته ڪيس ڪنهن نه ڪنهن مرد جي تلاش ضرور رهي ٿي. جيڪو سندس تعريف ڪري، سندس جواني جي جلون تي فدا ٿئي. سندس حسن جو وجداني تاثر ماڻي. جيئن شاهه لطيف چيو هو:

ڪر موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏٺي مون،
اٽليس آهون ڪري، پريءَ مٽي پون،
سان جي ڏسين تون، ته موٽين ڪين مينڊرا![٢٢]

هن سڃي سنسار ۾ جماليات جو مرڪز عورت آهي. علامه اقبال چيو هو ته.

وجود زن سے ہے تصویر کائنات میں رنگ
اسی کے ساز سے ہے زندگی کا سوز دروں.[٢٣]

پوءِ عورت جيڪڏهن عورتپڻي تان هٽ ڪڻي يا سيمون ڊي بوارا جي فيمينزم مطابق عورت کي رڳو سماج پيدا ڪيو آهي نه ته ڪائنات ۾ جنسي تفريق ڪانهي مطلب ته سماج عورت کي پيدا ڪرڻ ڇڏي ڏي. عورت مرد وانگر مردانگي جا وار ڏيکاري، حسن تان هٽ ڪڻي وڃي، ان صورت ۾ فطرت بي رنگ ٿي پوندي، ڇا اسان اهڙي حسن جي ڏسڻ جا عادي آهيون يا اسان وهم جا شڪار آهيون؟ ٿي سگهي ٿو ائين هجي . انهيءَ ڪري اسان جي سنڌي شاعره امر سنڌو ٩٠ع واري ڏهاڪي ۾ 'Slogan of red Lips' نالي نظم لکي انهيءَ ڳالهه کي هڪ طرح قبول ڪيو ته لپ اسٽڪ فيمينزم عورت جي سجاٽ آهي.

ائين بہ ناهي تہ عورت جي هر سينگار کي لپ اسٽڪ فيمينزم سان پيٽجي. هتي رکجو اهو ڏسڻ ٿا چاهيون تہ عورت جو اهو انداز شاعرن توڙي اديبن يا وري عام مرد خود عورت لاءِ فطرتي طور قابل قبول آهي. ڪڏهن بہ اديب عورت جي تعريف سندس مردانہ انداز جي نٿو ڪري پر سندس عورتپڻي جي ڪري ٿو. مثال:

تنهنجي ڇاتي آتي آتي، نيڻ بہ تنهنجا نينڊ،
دانهون دانهون تنهنجون ٻانهون، پيار پلين ٿي ڇو؟ (۲۳)
خود عورت شاعره بہ عورت کي ائين ئي ڏسڻ چاهي ٿي.
ڪڙيا جو لب لال، آئيني ۾
وڏا اکين جال آئيني ۾
وصول ٿي ويا پيام آئيني ۾
ٿيا جا اسال آئيني ۾. (۲۴)

نتيجو:

لپ اسٽڪ فيمينزم، عورت کي فيمينزم جي ٻي لهر کان الڳ ڪري ٿو، عورت کي سندس اصلي حيثيت کان بہ وڌيڪ هائپر سينگار ڏانهن وڌي وڃي ٿو. جتي مارڪيٽ عورت جي جنسي سگهہ کي وکر بڻائي ٿي. عورت جي ڪاميابي سندس جنسي ادائن ۾، سينگار ۾، سيڪسي ٽيڻ ۾ ماڻهن کي جنسي ڇڪ (Seduce) ان ليکي وڃي ٿي. عورت کي اهو ڏس ڏنو وڃي ٿو تہ دنيا ۾ علم، ادب، محبت، احساس، قدر، حياءَ، ضمير کابہ شيءَ ناهي صرف سندس جسم ئي وڏي اهميت رکي ٿو. جديد سائنسي ايجادن انهيءَ ۾ وڏي مدد ڏني آهي تہ عورت جيڪڏهن جنسي سگهہ نٿي رکي تہ هٿرادو سرجري سان هوءَ ائين ڪري سگهي ٿي. مطلب تہ عالمي واپاري سماج عورت کي سندس انساني حيثيت کان وڌيڪ شيءَ ۾ تبديل ڪري ٿو. اهڙي صورت ۾ لپ اسٽڪ فيمينزم ۽ هار سينگار ڪرڻ عورت جي عورتپڻي ۾ وڏو فرق ٿئي ٿو. هڪ جو تعلق مارڪيٽ سان آهي ٻي جو عورت جي سندس حيثيت سان آهي. لپ اسٽڪ فيمينزم جا دليل اهي آهن تہ عورت هار سينگار فقط هڪ مرد لاءِ ڪري جيڪو هن جو مڙس هجي ۽ سڄي زندگي غلام بڻجي گذاري تنهن کان وڌيڪ بهتر آهي تہ عورت سينگار مارڪيٽ لاءِ ڪري ۽ معاشي خودڪار بنجي وڃي. پر سوال اهو پيدا ٿئي ٿو تہ

ڇا عورت جي حقيقي آزادي اها آهي؟ انهيءَ سوال تي خود هڪ بحث شروع ٿئي ٿو. سڄي دنيا ۾ ادب جو جماليااتي پهلو عورت کان سواءِ اڌورو آهي. تنهن ڪري سندس جي ڪلاسيڪل شاعريءَ کان وٺي جديد شاعريءَ تائين عورت جي خوبصورتي، هن جي سينگار تي شاعري موجود آهي. پر لپ اسٽڪ فيمينزم جي بنيادي فڪر جو ان سان تعلق ناهي. ها البتہ عورت جي انهيءَ سگهہ کان انڪار ناهي.

حوالا

1. https://en.wikipedia.org/wiki/Lipstick_feminism dated 09th October 2023 time 7.00pm

۲. تنوير عباسي ، 'شاهہ لطيف جي شاعري' ، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو ۲۰۱۵. ص: ۲۰۲. کان ۲۰۳

3. Sigmund frued "On sexuality" Penguin Books (N Z) Ltd, 182-190 Wairau Road, Auddand 10, NewZealand Eithgth edition 1977 page 123.

۴. ڊاڪٽر سليم اختر، 'تين بڙي نفسيات دان' سنگ ميل پبليڪيشنز لاهور ۱۹۹۴ع ص: ۸۵.

۵. سيمون ڊي بوارا، ترجمو: ڪشور ناهيد، 'عورت' ، وين گارڊ پبليڪيشنز ڪراچي، ۱۹۸۲ع، ص: ۰۹.

6. https://wyrl.beauty/blogs/news/history-of-red-lipstick-and-feminism dated 11-11-2023 , Time 7:15 pm.

7. https://lucyjanesantos.com/elizabeth-arden-and-the-red-lipstick-that-wasntdated 7 .2023-10-07time 8:30.

8. The Feminist Politics of Choice: Lipstick as a Marketplace Icon. Lauren Gurrieri RMIT University Jenna M. Drenten Loyola University Chicago, Loyola University Chicago 2019 pdf 12.10.2023 time 5.05. pm

۹. ۹. جون ايليا ، 'شايد' ، ڪتاب دنيا ترڪمان گيٽ، دهلي، ۲۰۰۸.

۱۰. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 'سينگار' ، سنڌي ادبي بورڊ، ۱۹۸۶ع، ص: ۵۴.

۱۱. ساڳيو ص: ۵۴ .

۱۲. ساڳيو ص: ۵۶.

۱۳. .ٻانهون خان شيخ ، 'شاهہ جو رسالو' ، جلد پهريون، ڇاپو پهريون شاهہ عبداللطيف يتائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي ، ۲۰۰۰ع، ص: ۳۳۵.

۱۴. ماهتاب محبوب، 'خواب خوشبو چوڪري'، روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو، ۲۰۲۱ع، چاپو چوٿون، ص: ۱۸۷.

۱۵. ساڳيو ص: ۱۸۹.

۱۶. منظور ڪوهيار، 'راج ڪرتھ'، ڪنول پبليڪيشن قمبر، ۲۰۱۳ع، ڊرامو 'پريميڪا' ص: ۳۰

۱۷. ساڳيو. ص: ۳۶.

۱۸. ساڳيو ص: ۴۴.

۱۹. انور ڪليم، 'رجيم'، مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ۲۰۲۱ع، ص: ۴۹.

۲۰. . ڈاڪٽر فهميده حسين (ترجمو)، ' دنيا جون شاعر عورتون'، سنڌي ادبي بورڊ، ۲۰۰۶ع، ص: ۰۸

۲۱. شيخ ايار، 'وڇون وسڻ آيون'، نيو فيلڊس پبليڪيشنز، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۹ع، ص: ۷۶.

۲۲. شيخ، ڀانهون خان، 'شاھ جو رسالو'، جلد ٻيو، چاپو پهريون، شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي. ۲۰۰۰ع، ص: ۴۴۰.

23. https://www.rekhta.org/couplets/vajuud-e-zan-se-hai-tasviir-e-kaaenaat-men-rang-allama-iqbal-couplets?lang=r

۲۴. شيخ ايار، ' وڇون وسڻ آيون' نيو فيلڊس پبليڪيشنز، حيدرآباد سنڌ، ۱۹۸۹ع، ص: ۴۳.

۲۵. ج. ع. منگهاڻي، 'رولاڪ خواب'، سنت ڪنور رام فائونڊيشن، احمد آباد انڊيا، ۲۰۰۶ع، ص: ۷۹.